Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

# آوازِ اخلاق عرف سنڌي پهاڪا

# Voice of Ethics
# Sindhi Proverbs

ڪوڙومل چندن مل کلناڻي

Koaromal Chandanmal Khilnani

Al Muna'um

Gul Hayat Institute

المنعم لائبرري لاڙڪاڻو

ڊجيٽل ايڊيشن:

سنڌ سلامت ڪتاب گھر

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت سنڌي ٻوليءِ جي ڪتابن جي ذخيري کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائڻ لاءِ **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** جو سلسلو شروع ڪيو آهي، ان سلسلي جو ڪتاب نمبر (176) **”آواز اخلاق : سنڌي پهاڪا“** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **ڪوڙومل چندن مل کلناڻي** جو لکيل آهي جيڪو ورهاڱي کان اڳ ڇپيو.

هي ڪتاب **المنعم لائبرري لاڙڪاڻي** پاران **انجنيئر عبد الوهاب سهتي** اي بوڪ ايڊيشن ۾ سندس ويب سائيٽ تي آندو آهي. ٿورائتا آهيون سائين عبد الوهاب سهتي جا جنهن هن قيمتي ۽ ناياب ڪتاب کي بيهر اسان تائين آندو ۽ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساٿين جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**

ڪتبخانو
واٽس ايپ لائبريري
سنڌي، اردو، انگريزي ادبي، تعليمي ڪتابن ۽ اخبارن جي
مفت ونڊ جي فورم ۾ جو حصو بڻجڻ لاءِ گهربل معلومات
١.نالو
٢.شهر جو نالو
٣. تعليمي قابليت
٤.مصروفيت
٥. تصوير
ميمبرشپ حاصل ڪرڻ ۽
برقرار رکڻ لاءِ ڪتبخانو
جو فيسبڪ گروپ جوائن
ڪرڻ لازمي آهي...!!
facebook.com/kutabkhano
گروپ ايڊمن: امير عدنان
00923337516944

Gul Hayat Institute



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# ڪتاب ۽ ليکڪ بابت

ديوان ڪوڙومل جي لکيل هن ڪتاب جي، گهڻي عرصي کان طلب ۽ تلاش هئي پر ڇاپي صورت ۾ ملي نہ پئي سگهيو. قوي توقع اها پئي رهي تہ شايد ڇاپي ڪتاب هن وقت دنيا ۾ ناپيد ٿي چڪو آهي. هاڻي بس ان بابت فقط ڪتابن ۾ تذڪرو پيو ملندو. شابس هجي سچل ڪاليج نواب شاهہ جي هونهار ليڪچرار جناب محمود ڏاهري صاحب جن کي، جو ڪوڙومل تي ريسرچ جو ڪم هٿ هيٺ سبب، پاڻ سندس بين ڪتابن سان گڏ هيءُ ڪتاب بہ فوٽو ڪاپيءَ جي صورت ۾ هٿ ڪيو اٿائون. نيٽ ذريعي ساڻن ڄاڻ سڃاڻ ٿي هئي. فون تي رابطي بعد ٻڌايائون ۽ ڪتاب جي فوٽو ڪاپي پڻ ڏياري موڪليائون.

ان ڪتاب جي ڪين فوٽو ڪاپي. علامہ داؤدپوٽو لائبرري حيدر آباد مان هٿ آئي. اهو ڪتاب بنام آوازي اخلاق (پهاڪا) جي نالي سان جريان نمبر ١٧۴ تي رکيل آهي.

ڪرائون سائيز جي ۴٩ صفحن واري هن ڪتاب جو سرورق، جنهن ۾ ليکڪ، ڇپائيندڙ اداري، ڇپيندڙ پريس جو نالو ۽ سال ڄاڻايل هوندو آهي، موجود ناهي. تنهن هوندي بہ منهنجي مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهو ڪتاب آوازِ اخلاق آهي ۽ ان جو ليکڪ يا گڏ ڪندڙ ديوان ڪوڙو مل ڪلناڻي(1844ع— 1916ع) آهي.

بهرحال هن ڪتاب جي فوٽو ڪاپي مهيا ڪرڻ تي هيءُ ادارو جناب محمود ڏاهري صاحب جن جو بيحد ٿورائتو آهي.

**انجنيئر عبدالوهاب سهتو**

Gul Hayat Institute



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

# پهرئين ڇاپي جو مقدمو

## (ڪوڙومل چندنمل ڪلناڻي)

اصل ھر ھڪ پهاڪو ڪِئن چوڻ ۾ آيو ۽ ڪهڙي وقت ۽ ڪِئن ڪم آڻجي تنهنجي لاءِ بيان ڏيڻ جو ارادو ھوم. ائين ڪجي ها تہ ننڍي وڏي سيکڻهن کي اُنهن جي ڪم آڻڻ جي پوري سڌ پئجي وڃي ها ۽ جئن ڪي ڪي ماڻهو پوري مطلب نہ سمجهڻ ڪري بي موقع يا اڻ ٺهندو پهاڪو لکي يا چئي وهندا آهن تيئن نہ ڪن ها پر ائين ڪجي ها تہ ڪتاب اهڙو وڏو ٿي پوي ها جو غريب غربو يا ڇوڪر ٻاڪر وٺي ڪين سگهي ها. ۽ هنن پهاڪن کي ڇپائي پڌري ڪرڻ جو جيڪو مطلب آهي سو هٿ ڪين اچي ها. تنهنڪري رڳا پهاڪا لکيا اٿم ۽ انهن جي معنيٰ سمجهڻ ۾ ڪجھ سولائي ٿئي تنهن لاءِ اوکن لفظن جي معنيٰ بہ ڏني اٿم. مگر انهن کي ڪِئن ڪم آڻجي تنهن لاءِ سيکو پنهنجي خيال ۽ هوش تي هلي.

اڳي بہ هڪڙو ننڍڙو پهاڪن جو ڪتاب ڇپيل آهي. ان ۾ پهاڪا ٿورڙا آهن ۽ ٻيو هڪڙو پهاڪن جو ڪتاب بہ ٺهيل آهي پر اُهو اڃان ڇپيو ڪين آهي ۽ اُن ۾ بہ پهاڪا ٿورا آهن. مون اٺ سؤ پهاڪا گڏ ڪري هن ڪتاب ۾ لکيا آهن. سيکو هي ڪتاب وٺي سگهي تنهن لاءِ رڳو خرچ ساري ان جي تمام هلڪي قيمت ٺهرائي ويئي آهي.

ڪي پهاڪا جيڪس اُگهاڙا ڏسڻ ۾ ايندا، فحش يعني لفظ ڳجوڙا يا نا شائستا ڏسڻ ۾ ايندا پر جڏهن پهاڪن جو اهو مطلب آهي تہ جنهن ملڪ ۾ اُهي چوڻ ۾ اچن ٿا تنهن جي ماڻهن جي حالت ۽ سڌارو اِنهن مان معلوم ڪجي تڏهين جيئن پڌرا آهن تئن جو نہ لکجن. اياڻو چوي سياڻو ويچائي. انهن وانگر سياڻا ۽ سمجهو ماڻهون اِنهن مان صاف داڻا ڪڍي ٺُهَ ڪٽي ڦٽا ڪندا.

پهاڪن جي چونڊ ۽ سٽ ۾ مون پنهنجي وس آهر گهٽتائي ڪا نہ ڪئي آهي. پر تنهن ڪندي بہ هن ۾ پڙهندڙن کي ڪي عيب ڏسڻ ۾ اچن تہ وڙ ڪري معاف ڪن ۽ انهن کي سنواري ڇڏين ڇو تہ انسان نيٺ خطا جو گهر آهي.

ڪ چ ڪ

Gul Hayat Institute



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944

# پهاڪا

## الف

1. آزمائي کي آزمائي سو چائي منهن ۾ پائي.
2. اب جو ڏنو نہ پري، رب جو ڏنو پري.
3. اپ ۾ ٽڪ اڇلائي سو منهن ۾ جهلي.
4. اپ ڦاٽي کي ٻہ ڪڏهين اڳڙي پيئي آهي.
5. اٿو جي گهوٻاٽو.
6. اٿو ڪاڏو ڪئي مار پيئي ڳابي تي.
7. اٺ جي چاڙهيءَ کي بہ لعنت، لاهيءَ کي بہ لعنت.
8. اٺ پنيان گهنڊٽي.
9. اُٺ جي وات ۾ ڄار جي ٻاس.
10. اُٺ جي وات ۾ زيرو.
11. اُٺ پوڙهو ٿيو تہ بہ مُتڻ نہ سکيو.
12. اٺ ڪراڙو، تہ بہ ٻہ ڪنواٺ لهي.
13. اٺ نہ پڄي، ٻورن هٽي لتون.
14. اٺان ميهان دا ڪيها ميلا، اوهہ چرن پٽ تہ اوهہ چرن ٻيلا.
15. اُٺ جي وات ۾ لوڻ تہ بہ رڙي، ڪنڊ تہ بہ رڙي.
16. اٺ چڙو بہ رڙي، پريو بہ رڙي.
17. اُٺ، پنهنجي مُٽ ۾ تِرڪي.
18. اٺ جي چوري بہ ڪا پڪي ۾ لڪي.
19. اٺ کي لاٽو گهوڙي کي داٽو، مرد کي ناٽو محبوب کي ماٽو.
20. اٺ چڙهئي بہ ڪو نانگ ڪائي!
21. اٺن جا بار بہ ڪي ڳڏهہ ڪٽن.
22. اٺين پيڙهي، اُٺ ماڪوڙو ماسات.
23. آپ نہ پالي، پالي ڏون، چوهر ڄائو ڏڪان ڏون.
24. اپٽا مال هئي روئسان بہ ڪائسان بہ.
25. اپٽي گهوٽ تہ نشا ٿيوئي.
26. اڄاڻ کي، جهڙي مصري تهڙي ڦٽڪي.
27. اڃا مينهون جهنگ ۾ ڏوئي ڏريائون رڃ (ڪير ڏهڻ جو ٺانءُ)
28. اڃا جنڊ ڪڍن سسئي.
29. اڃياري پيئندي، چڪياري ڪين پيئندي.
30. اڃا ڪپڙا ڪيسا خالي.
31. اڃي پڳ مَ پس، اندر مڙيئي اگڙيون.
32. اڏ کي چڏي سڄيءَ پنيان ڊوڙي، تنهن جو اڏ بہ وڃي.



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944

33. اڏارو ڏجي تنهن کي جنهن کان گهرجي نہ، اڌارو وٺجي تنهن کان، جو گهري نہ.
34. آرڙهہ جي تتي ڏينهن ساوڻ جي وسندي مينهن، سياري جي آڌي رات شال نہ پوي هنگڻ تات.
35. استاد جي مار چوکر سنوار.
36. اکن کان ٿو آمان گهري.
37. اک نهيئي ڪا نہ ڪبڙ خان چنڊ ڏٺو.
38. اڪرين ۾ مٺا وجهن، سي مهرين کان ڪئن ڏڄن.
39. اڳ ڪشا نہ ڪشا پوءِ ڪوڪون ڪن.
40. اڳي بہ ان هو پوءِ بہ ٿيو ان، ڪانون ۾ پن ويو اچونئي نڪري.
41. اڳياڙي سُرهي تان جڏهين پڇاڙي سُرهي ٿئي.
42. اڳين پاٽي، پوين چڪا (گپ).
43. اڳهہ ۾ ڳپ جي سڌ، الله کي.
44. اگهہ ڪٽيو ڪائجي، وَٽ ڪٽيو نہ ڪائجي.
45. اگهائي تہ ڪچ نہ تہ ماٽڪن موٺ ٿئي.
46. اڱر چاٽن، لهر ڇاٽي.
47. اڱرن پيٺي، هٿ ڪارا.
48. آمون، ڏهہ گامون (وک).
49. اَن جو واپار هس مان چلو، چلي مان هس.
50. اَن پَلي، ذات پلي.
51. انبان ٻور، ڪلالان لاها.
52. انبن جون سڪون بہ ڪي انبڙين مان لهن.
53. اندر اڇو نہ ڪري، ڌوئي ٿو ڌاڳا.
54. اندر ٻڏ(ان جي پاڙ جنهن کي ڪٽي غريب ان جي ماني پچائييندا آهن ) ٻهون(گهٽو)، ٻاهر آٽڻ ان جو.
55. انڌ ڌنڌ نگري چرٻٽ راجا، ٽڪي سير ڀاڄي ٽڪي سير کاڄا.
56. انڌ وٺ منڊ وٺ پر نندي وٺ.
57. انڌا رکن روزا، تڏهين ڏينهن بہ ٿين وڏا.
58. انڌن ۾ ڪاڻو راجا.
59. انڌن آندو، ٻلن چٽيو.
60. انڌن وجي ملتان لڌو آهي.
61. انڌن جي وهاڻ، منڊا نچن ٽنڊا پائن ڦيريون.
62. انڌو هنگي ڪُڏ تي، چي: مونکي ڏسي ئي ڪو نٿو.
63. انڌو ڇوڪر لائو ڌوڪڙ ٽڪاٽي جي ارداس.
64. انڌو هاٿي لشڪر جو زيان.
65. انڌو اڻ سونهون، ٻئي هڪڙي آچار.
66. انڌو گهري الله کون بہ اکيون.
67. انڌي اڳيان آهري ڪر تئو ٽنگيو آهہ.
68. انڌي جي جوءِ جو واهي الله.
69. انڌي پيهين ڪتي چٽي.



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944

70. انسان، خطا جو گهر.
71. اڻ گهريو، ماءُ به پٽ کي ٻبو نه ڏئي.
72. اٺيتيهه راتيون چور جون، تيهين رات نه ساڌ جي به آهي.
73. اڻ سرنديءَ هر ڪو ٺري، ڪرو ڪو سرنديءَ ٺري.
74. اُٺائي به وئي، ٽٽائي به وئي، وري ڪپهه جي ڪپهه.
75. اڻ پڙهيا پڙهين اڳيان پريون ڊوئيندا.
76. اُٺندو اها، جا ڪوريءَ جي من ۾.
77. اهاري(ڪاڻ)، وهنواري(ڏيتي ليتي)، تيون گهوٽ مهاري(گهوٽ ڪنوار جي سمهڻ جي جاءِ) لڄا ڪري نه هاري.
78. آهر ڪٽي اوٻٽي، رن وڄائي رنبو.
79. آهر جي وڏائي ڪني پاٽ تي آئي.
80. اها زبان پٽ تي وهاري، اها زبان ڪٽ تي وهاري.
81. آهر جي آسري، جهنگ نه چنائون.
82. اهڙو ڪم ڪجي جو مينهن وسندي ڪم اچي.
83. اهو سون ئي گهوريو، جو ڪن چني.
84. اهو ڪي ڪجي، جو مينهن وسندي ڪم اچي.
85. آئي کي آدر، وئي کي جيءُ.
86. آئي ٿانئي کي، ٻورچياٽي ٿي ويني.
87. آئي سڱن کي، ڪن به ڪپائي ويئي.
88. آئي نه روڇي(روزي)، گئي نه ٻلا.
89. اياٽو چوي، سياٽو ويڃائي.
90. ايڪ پنٿ، دو ڪاج.

## ب

1. بادشاهين پوندي معاملي ڄتي ڪير ويچاري.
2. باسڻ هڪڙو ڪٽي، نڪر گهٽن کي اچي.
3. ٻچڙو ڪتو، ڏٽي پرائي.
4. بختاورن جا ڍڳا به ويامن.
5. ٻڙا کهاوڻ ٻڙا دک پاوڻ ڇوٽي ڪا دک دور.
6. بک وڃان اڳهڙ ياد ئي نه.
7. بک ٻچڙو ٺول، دانا ديوانا ڪري.
8. بکيي کي بصر سان روٽي رکيائي سيري کان سواد ۾ ڏيڊي سوائي.
9. ٻندرو ٻڌي سندرو نه وڃي سپ کان اڳرو.
10. ٻندي جي من ۾ هڪڙي صاحب جي من ۾ ٻي.
11. بي عقل جي بلا دور.
12. بي عقل دوست کان داناءُ دشمن چڱو.
13. بيڪار کان، بيگار ڀلي.

Gul Hayat Institute



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## ٻ

1. ٻہ پائر، ٽيون ليکو.
2. ٻہ تراريون هڪ ڪپ ۾ نہ ماپن.
3. ٻہ تہ ٻارنهن.
4. ٻہ شينهن هڪڙي ٻيلي ۾ نہ ماپن.
5. ٻہ گدرا مٺ ۾ ڪين اچن.
6. ٻاٻل (پريو مڙس، ڳوٺ جو مکي) آچاري، پر ڪو مجي.
7. ٻارڻ ٻهون ڪجن تہ ٻہ رڙا (مٽر يا مڱ جا داڻا جي ڳرن ئي نہ) ڪين رجهن.
8. ٻانيڻ ٻڪري، در تي ڦڪڙي.
9. ٻائي ٻير، اڍائي سير.
10. ٻائي جو ٻائو، تيوڻ جو تيوڻ.
11. ٻاهران چڪي مکي، اندران ٻڙ ٻڙ دڪي.
12. ٻبرن ڪان ٿو ٻير گهري.
13. ٻڍي ماڻهون جو ٻہ ٽئي ڏينهن ڏس پوي.
14. ٻڍي ٻيڙيءَ جو لوهہ ٻہ چڱو.
15. ٻڍي ٻيڙيءَ مان هريڙون ٻہ چڱيون.
16. ٻري تيل ڪامي وٺ، واهہ ڙي ڏيا واهہ.
17. ٻڪري ڪي ساس جي، ڪاسائيءَ ڪي ماس جي.
18. ٻڪري جنهن وڻ سان ٻجهي سو وڻ چري.
19. ٻگها (ٻگهہ پکي) ڪوهہ ٻجهن تہ سپئن ۾ چا سنپجي.
20. ٻليءَ کي خواب ۾ ٻہ ڇيڇڙا.
21. ٻلي ڪائيندي ڪين ساري، هنگندي ساري.
22. ٻليءَ شير پڙهايا، ڦير ٻلي ڪون ڪاوڻ آيا.
23. ٻن ٻيڙين تي پير رکجي تنهن جون ڄنگهان چيرجن.
24. ٻوڙو کلي ٻہ ڀيرا.

## ڀ

1. ڀاڙيءِ مسواڙ جوڪاٽو ڪونهين.
2. ڀتين کي ٻہ ڪن آهن.
3. ڀٽ ڀئي نہ ڏجي ڀٽ جي ڀٽائي ڀئي ڏجي.
4. ڀڄ چريا، مست آيئي.
5. ڀڄندڙن جي اڳ ۾، لڪندڙن جي پٺ ۾.
6. ڀريءَ چنيءَ ڪان، ڀيري چنو چڱو.
7. ڀرئي اٺ تان، وڄٽي لٿي تہ ٻہ چڱي.



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944

8. پڳڙن ڪاڏي هٿ ڌوتا پيا آهن.
9. پڳو گهڙو ڊئون ڊئون ڪري.
10. پڳي سان ئي پير، جيسين رتو راس ٿئي.
11. پلي پاڻ آئي، سا به پلي.
12. پلئي واٽئي گهر ڳڙ ڪاڻو.
13. پنگان چيز ٻڌن، لنبي رووي ڪٽڪ ڪون.
14. پنگي دي جوءِ سدا سهاڳڻ، آفيمي دي جوءِ رووي، ڪيفي دي جوءِ ايوين آکي: ماريا هٿ نه هووي.
15. پينر پنيوران جي پڳيون سي چٽيون.

## ت

1. تاڙي، هڪ هٿي ڪين وڄندي آهي.
2. تِر جي گٽي، سؤ چوٽون ڪائي.
3. تڪڙ ۽ طمع ڇا ڏجي.
4. تڪڙ، ڪم شيطان جو.
5. تڪڙي ڪتي، انڌا گلر ڄڻي.
6. تڪڙو ماڻهو، ٻه ڀيرا هنگي.
7. توڙي وڃي روم، ته به ماني ۽ ٿوم، لکي لوح قلم ۾ (نصيب ۾).
8. تون آکيسين(چوندين) مئن نه مڃيسان، مين بازي ڪٽي.
9. تون پؤنڪ ميڪون نندرا آوي.

## ٿ

1. ٿڌو گهٽو پاڻ کي چانوَ ۾ رکائي.
2. ٿورو ڏسي ارهو نه ٿجي، گهٽو ڏسي سرهو نه ٿجي.
3. ٿوري ڪٽئي، گهٽي برڪت.
4. ٿوري گرهين، گهٽو ڪاڄي.

## ٽ

1. ٽٽونءَ کي ٽارو، تازيءَ کي اشارو.

## ٺ

1. ٺڙ ڪجي نڪاءُ ڪجي اڳلو نه پڃي ته پاڻ پڃجي.
2. ٺلهو چڙو(گهنڊٽي) وڃي گهٽون
3. ٺونٺ لڳي، ساهيڙي پڳي.



Gul Hayat Institute
Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944

36. پنهنجا دهل، پنهنجا ڏؤنڪا.
37. پنهنجي گهر، ٻلي ٻہ شينهن.
38. پنهنجي ڪِئي جو، نڪو ويج نڪو طبيب.
39. پنهنجي ڏنئري کي ڪير کٽو نہ چوي.
40. پنهنجي سوڙ آهر پير ڊگهاڙجي.
41. پنهنجي ٿوري، پئجي گڏھ کي پيري.
42. پهير ٿئي چور تہ واهي ڪيترو وهي.
43. پئنچان نال ايڪا دشي
44. پيٽ ۾ ٻک، مونن ۾ چار-اوڳرائي.
45. پيٽ ۾ ٻک، ارھ ۾ آڪڙ.
46. پيٽ ڏون ٻانهين، چنتا ناهين.
47. پيادن مان هسوار هسوارن مان پيادا.
48. پيٽ پر، پٺيءَ لڏ.
49. پيٽي پٺ ٻہ ڪاچ ڪاري.
50. پير ڪان ٻہ ويساھ وڏو.

ق

1. ڦاڙهو جاتي ڪائي، اتي اوجھ ڏئي(مري).
2. ڦِٽِ ٻجو ڪج، پر گيھ ذرو ڏج.
3. ڦرندي گهرندي نامردان دي، مردان دي هڪ.
4. ڦرَ ڪان اڳي، ڄر نہ ڪيجي.
5. ڦڙيءَ ڦڙيءَ تلاءُ.
6. ڦل نہ ڦل جي پاکري.
7. ڦلهر ۾ ٿو ڦوڪون ڏئي.
8. ڦورو نہ ڦولهي شال سنئين پئي صراف کي.

ج

1. جا بندي کي بار سا صاحب کي ستري.
2. جاتي وڻ نہ آهي، تاتي ڪانديرو ٻہ درخت.
3. جاتي ڪير تاتي ڪنب، جاتي جهڻ تاتي لوڻ.
4. جا ڄائي نہ هوندي سا مرندي ڪٿان.
5. جاڏي وجي واگهو، تاڏي پاٽي تانگهو.
6. جاڏي پوي جهار(پکين جي گولري) تاڏي ڳوڙهو نہ هٽي.
7. جاسين للو(نالو) ڪٽي لٺ، تاسين ڪرھ(جهيڙو) اُجهاٽي.

Gul Hayat Institute



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944

8. جاسين ڍائو مٽو ڪنهي، تاسين ٻڪئي جو مٽو وڃي.
9. جا مڙسي مڙسن ۾ سا مارئي ۾ نہ آ.
10. جاهلن جواب آهي ماٺ مني.
11. جائين لنگهيا پٽ تہ پٺهن ڏاڙهيءَ موڇڙو.
12. جاءِ چئي تہ جوڙائي ڏس، شادي چوي تہ ڪري ڏس.
13. جبل سان مٿو هٽبو تہ نيٺ مٿو ڀڃندو.
14. جتي ٻاھ ٻري، تتي سيڪ اچي.
15. جتي اٺ ترندو اُتي ڍڇ بہ ترندو.
16. جتي پڇڻ ڪم ناھ، تتي پڇڻ ڪم وريام جو.
17. جتي ويڙها، تتي جهيڙا.
18. جڏهين تڏهين چورڙاميءَ وهاڻيءَ رات
19. جڏهين آٽر ٿي سڀيا تڏهين گڏهن ٿي رنو.
20. جڏهين ٻورا ٿي سڀيا تڏهين اُنن ٿي رنو.
21. جڏهين ڏند هئا تڏهين حلوو نہ هو، جڏهين حلوو آهي تڏهين ڏند نہ آهن.
22. جڏهين ڳوھ کي موت ڪٽي تڏهين ڳولي شڪارين جا گهر.
23. جر (پاڻي) نئيس جيڏي نہ نئيس.
24. جڙيءَ کي جس.
25. جڳ مڙيوئي جوا بازي، ڪن کٽي ڪن هاري.
26. جن جي پلو ۾ داڻا سي چريا ئي سياڻا.
27. جنڊ ٻي وار، ٻڻ (ڦلن/ ڀڳڙن پڇڻ جي ٿئي) ٻي وار.
28. جنهن ايرندي تاءُ نہ ڪيو، سو الهندي جا ڪندو.
29. جنهن ساس ڏنو آهي، سو گراس بہ ڏيندو.
30. جنهن ڪاڻ اڳي هلي ٻيهجي، تنهن سان گڏيو چو نہ وڃجي.
31. جنهين سندي منهين (اوطاق)، تنهين جو آچار.
32. جنهنجي ويلا (وقت)، تنهنجي رکيا.
33. جنهن جي هيڪار ڪيائين ڪوڙي ٿي، تنهين جي ٻيهار سچي ساک نہ وسهان.
34. جنهن جي واٽ نہ وڃجي، تنهن جو پنڌ بہ نہ پڇجي.
35. جنهن جي ساھ کنئي کل کا نہ پوي، تنهن کي سور ڪيهو سلجي. جو سنڌي سمجهي ڪينڪي تنهن سان هندي جا هلجي.
36. جنهن جو ڪم سو ئي ڪري، ٻيو ڪري تان گهاٽو پري.
37. جنهين ڪاڻ مياس، سي ڪلهي ڪانڌي نہ ٿيا.
38. جنهن جي ماني تنهن جي ڪاني (ڪرامت).
39. جنهن جو ٻڻ ٻڇڙو، تنهن جو ميوو منو نہ ٿئي.
40. جنهن جو پيءُ ماءُ جيئرو، تنهنکي چورو ڪيئن چئجي.
41. جو ڍيري گڏھ رکپال.
42. جو واءُ جبل اڏائين تنهن جي اڳيان ڪپھ جا آهي.
43. جواريءَ ميني هار.

Gul Hayat Institute



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944

44. جوا هارڻ واري جو اڌ منهن ڪارو ۽ ڪتڻ واري جو سڄو منهن ڪارو.
45. جوَ پوڪي، ڪڻڪ ڪو نہ لڻندو.
46. جو تيرا سو ميرا جو ميرا سو اين اين.
47. جو اُٿي سو ارجن.
48. جهڙا عاشق عيد ۾، تهڙا منجهہ مقام.
49. جهڙا روح، تهڙا ختما.
50. جهڙا ڪانو، تهڙا ٻچا.
51. جهڙو ڏيس، تهڙو ويس.
52. جهڙو منهن، تهڙو موچڙو.
53. جهڙو سمر آپٽو، تهڙو مِٺ نہ ڪو.
54. جهڙي سٽ، تهڙيون ٽي ويهيون.
55. جهڙي ٻني تهڙو ٻج، تنهنجي سلي پيئہ نہ ڏج.
56. جهڙي پت، تهڙو ڇٽ.
57. جهڙي نيت، تهڙي مراد.
58. جهڙي ڪرٽي، تهڙي پرٽي.
59. جي پوندا سوڙهين تن لڳندا سيلهہ.
60. جي وسي چيٽ تہ ان نہ ماپي ڪيٽ.
61. جي جڏهين پڳا سي تڏهين چڱا.
62. جي نہ وڄجي پاڻ تہ نينهن نياپي نہ ٿئي.
63. جي جڏهين چڙهيا سي تڏهين سوار.
64. جي گهڙيا، سي چڙهيا.
65. جي هٽن، سي ڪٽن.
66. جي ڄٽين، سي نپائين.
67. جيءُ خوش تہ جهان خوش.
68. جيڏا اٺ، تيڏا لوڏا.
69. جيڏا ڏوتا، تيڏا پوتا.
70. جيڏو پٽ (ڪشتي جنهن ۾ فقير پنندا آهن)، تيڏي بکيا.
71. جيڏي رات، تيڏو سپنو.
72. جيرو تہ لک جو، مئو تہ ڪک جو.
73. جيري لاءِ ٻڪري نہ ڪهجي.
74. جيڪا ڌاريان ٻڪري تنهن لمندا ڪن.
75. جيڪي چٻيو، سو ڦٻيو.
76. جيڪي ڏسي چار، سو ڏسي ميئ (مهاٽو) تہ ڦاٽي مري.
77. جيڪي ڪني ۾ هوندو، سو پاٽ ۾ پوندو.
78. جيڪي ڪوهہ ۾ هوندو، سو آهَ (حوض) ۾ پوندو.
79. جيڪي لکيو منجهہ ازل تنهن کي ڪير وجهي جهل.
80. جيڪي هوندو پاڳ ۾ سو وهي پوندو پاڳ ۾.

Gul Hayat Institute



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944

## ڄ

1. ڄاڱرا ۽ ڄار، اڱھ مڙيوئي ھڪڙو.
2. ڄاڻي وڇونءَ جو منڊ ٻہ نہ، ھٿ وجھي نانگن ۾.
3. ڄڀ جي ترڪڻ ڪان، پير جو ترڪڻ چڱو.
4. ڄڃ جي عمر: اڍائي ڪٿا.
5. ڄڃ جي ڄمار: ملوڪ جي رات.
6. ڄڃ بکيو موري ڪائي بک گھٽيري لائي.

## جھ

1. جھونا ٿيا جھاز ستون نہ سھن سڙھ جون.
2. جھونا ڪپڙا ٻوڍا ڍور تسڪا ناٽا ليڳيا چور.

## چ

1. چاڪرن جي اڳيان چوڪر.
2. چاڪريءَ چور، نِوالي حاضر.
3. چاڪيءَ ڏاند وڃايو، گھمي گھاٽي ڏاري.
4. چِت ۾ چوتو، مدعي رد.
5. چٽي ڏاڙھي نانءُ دلبر.
6. چريا چرين گڏيا: ادا عيد مبارڪ.
7. چرين جا پور، مٽن جا سور.
8. چرين کھڙا چت، مئن کھڙا مامرا.
9. چريي ڪان پڇيائون ڪي چڱو آھي جي ويران وڏ.
10. چريءَ ڪي چوڙو ڪڏھين ٽنگ ۾ ڪڏھين ٻانھن ۾.
11. چغلي آھي جھيڙي جي ماءُ.
12. چڱا سي، جن جا پويان چڱا. چوڻي322
13. چڱائي ڪر ڄڻ سان تہ ڄڻ ڦيري ھٽي پٽ سان.
14. چڱو ڪر تہ چڱو ٿيئي سودو ڪر تہ نفعو ٿيئي.
15. چڱو جن لکيو مدو سي نہ پسن، توڙي رڻ رھن تہ ٻہ ڪنڊون ڪائين ڪير سان.
16. چلھ تي، سو دل تي.
17. چنڊ ڪي پھرين ڏھي (تند يا ڪچو ڏاڳو)، پوءِ سڄي پاڳ.
18. چنون ٻہ چوي تہ مون ڪي ڪير سان ڪائو.
19. چورن جا پائر: ڳنڊيچوڙ.
20. چورن مٿان مورَ پيا اڏ ورھائي ڪٽي ويا.



Gul Hayat Institute

Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944

21. چور جي ماءُ چلھ پنيان روئي.
22. چوري نہ موري (سائي ٿي)، موري تہ بہ گھوري.
23. چوڻ ۽ ڪرڻ ۾، وڏو ڦير آهي.
24. چوٽو (حياتي)، نہ اوٽو.

## ڇ

1. ڇتي ڪتي جي دوا: ڀتر.
2. ڇٽي لولي ڪتڻ ڪان.
3. ڇڏ منڊو واريءَ ۾.
4. ڇوڪر ڇتي ذات، ڀون ڀون ڪن ڀڳت ۾.

## ح

1. حجتي، لعنتي.
2. حلوي حلوي چوندي بہ ڪڏھين وات منو ٿيندو آهي.
3. حمائتڻ گڏھ، عراقڻ (عربي گھوڙي) کي لتون هڻي.
4. حيلي رزق، بهاني موت.

## خ

1. خان جي خاني، مانيءَ مان معلوم ٿئي.
2. خريدار ڪڪڙن جو پڇي هنداٽا.
3. خون ڪٿوري، ڳجھو نہ رهي.

## د

Gul Hayat Institute

1. دال روٽيءَ ڪاڏي ڏن ڪٿي تہ ڪٽڻ ڏينس.
2. دائي ڪان ڪو پيٽ ڳُجھو آهي.
3. درياھ ۾ تي ڇوڪر ڪڏي، اڄ نہ ٻڏي سڀان ٻڏي.
4. دل ڪوٺي، عذر گھڻا.
5. دل جي ڪارائي ڪان منهن جي ڪارائي چڱي.
6. دم دال جو، آڪڙ پُلاءَ جي.
7. دم درميان، صاحب مهربان.
8. دولتمندن جا ڏاند بہ ڏين.



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944

22. ڏيڻ سپ چڱو، ٻچڙي هڪڙي ڳار، ونڻ سپ ٻچڙو، چڱي هڪڙي ڏل.
23. ڏيڻ، ڏيهه چڏڻ، ڏيهي چڏڻ (ٻت يا جسم) ٿيئي اهنجا.
24. ڏئي جي پٽ ۾ اوندھ.

## ڊ

1. ڊچ تنهين جي ڊاءِ، جنهنجي وائيءَ (زبان) ۾ ور گهٽا.
2. ڊڃجي تنهن جي ڊاءِ، جو پرينءَ پر ٻيهي گاريون ڏئي.
3. ڊڃجي تنهن جي ڊاءِ، جو ڪه تي چڙهي گاريون ڏئي.
4. ڊڃجي تنهن پئي، جو منهن تي ڪوڙ ڳالهائي.
5. ڊني واٽئي، مور نه لاءِ.

## ڍ

1. ڍائو ڪنهي پيٽ تيسي ٻڪئي وجي ساھ.

## ر

1. رات ٿوري، سات گهٽا.
2. راتيان ڪائي ڪچڙي، ڏينهان ڪائي پلاءِ، جاڻي هيڪ الله، صابو ڪوري سيد ٿيو.
3. راجا ڪري سو نياءُ، ڊارو پوي سو داءُ.
4. راڪي رام ته ماري ڪون.
5. راڻي سا، جا راءِ کي وڻي.
6. راؤري (راجا جي) گهران گهه جهلجي پاند ۾.
7. رت ڏسي، رُمي هٽجي.
8. رڏي ڪني به يا نصيب.
9. رڍ اڳيان رباب، وڄائيندي ورهه ٿيا.
10. رڍ مٽي ۾ سور سان، ڏنائون صدقو.
11. رڙا ڪين رجهن توڙي ٻارڻ هئن به پڙا.
12. رڪ جا چٽا آندا ڦاڙين.
13. رن پٽ کي لڳي ياڳ، ته ڏئي جواري پت کي داڳ/ داغ.
14. رن پٽ ريدار، ڪان هٽي بند ۾.
15. رن چشڪي هري، رکي آرت وار.
16. رنان مکر زنان تتر تار ڪن رڏيون پڪيون ڪونجڙيون اُڏائي ڏين.
17. رڻي (قرض) ۽ رائر (ڊل) جو سڏ جنهين کي هوءِ منجي اُتي جوءِ وجي تنهين کي وسري.

Gul Hayat Institute



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944

18. روپ (شڪل) روئي ڪرم (نصيب) ڪائي.
19. روزن پنيان عيدون، عيدن پنيان روزا.
20. رهي راهوجين (راهوجا ڳوٺ جو نالو) بهي باهوجين (باهوجا ڳوٺ جو نالو) ، ڪتي ڪنئريجن (قوم جو نالو) جي.

## ز

2. زالان ڏاوڻ (وهنجڻ)، مردان ڪاوڻ.
3. زر بسيار، ته عشق نه پهه.
4. زر خرچ ته امير ٿئين، امير ٿئين ته زر بسيار.

## س

1. ساريءَ هٿڻ پتر.
2. ساسرا (ساهرا) سک واسرا دو دن ڪا آسرا.
3. سائي ڪي سهي ڪو نه، بڪئي ڪي ڏئي ڪو نه.
4. سبر (طاقت وارو) سان سيئن (حد يا دنگ) ڪبي ڪيئن چوندو جيئن ٿيندو تيئن.
5. سيڪا ٻڪري، پنهنجي پائي ٽنگبي.
6. سيڪو، پنهنجي هٿيءَ جو هوڪو ڏيندو.
7. ست ڪُوا ڪائي ٻلي، حج چڙهي.
8. سُتن جون پاڏا جٽين.
9. سَتِيا جا ٻيڙا سائين سُتر.
10. ستي ٻلي، ڪوئا ڪين ماري.
11. ستي شينهن ڪي، آڱر نه ڏجي.
12. ستي لڪڙن ڪان موٺي ته ڪتن هاب ٿئي.
13. ستي سڏائي لنڊي ٿي ڪائي.
14. ستين لنگهٽين، ڪتو به حلال آهه.
15. سٺ نه موڙهو ڪپاهه موڙهي.
16. سپ نه ماري سپ جو سراپ (اصل بدعا کي چئجي پر هت معنيٰ آهي پرم / سنسو) ماري.
17. سپتيو ماڻهو پرائي مال ۾ پائيوار.
18. سپهو نه وسهو، وسهو ته مسهو.
19. سچ، به پاچا.
20. سچ لٽي ڪان پوءِ، دير ڪانهين، ڦرئي ڪان پوءِ، پوُ ڪونهين.
21. سجن پيٽان وڍيا، وڊين پيٽان سجا.
22. سجڻ سجي ٻانهن ڏئي ته سجي نه ڳيهجي.
23. سُجا عاشق، پيٽو دي آچار.
24. سچ سير، ڪاري ٻڪري اچو کير.

Gul Hayat Institute



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944

1. شادي ڪان وڏي نيڪيتي.
2. شڪر ڪر صحيح تہ توئي سان توھ ٿئي.
3. شينهن اڳيان لڪڙي اچلڻ سولي، پر وري ڪٽڻ اولي.
4. شينهن نہ ڏيکيا تہ ڏيک ٻلاڙا، چور نہ ڏيکيا تہ ڏيک سونارا.
5. شينهن وڙهندي، ٻوڙن جوڪو.

## ص

1. صبر جني جو سيگ، تير نہ گسي تن جو.
2. صرفو ڪرين، تہ پَٽُ هنداءِ.
3. صلاحين شينهن ٻجهن، ڪم ڪرهين (جهيڙن سان) نہ ٿئي.

## ض

1. ضرور ڪي سڀ روا آهي.

## ط

1. طمع سندو طس، پريو پرجي ڪينڪي.

## ظ

1. ظلم قائم آهي پر ڪندڙ قائم نہ آهي.

## ع

1. عشق نہ ڏسي ذات، نہ ڏسي ڪذات.
2. عقل ريءَ عذاب، گهٽان پسنديںءَ جنڊڙي.
3. عقل، اهيرن جو ڏريون ئي ويو، مگَائن هڪڙو پرٽائن ٻيو.
4. عقل ۽ سونهن ڪنهن کي نہ سڪايو آهي.
5. علت وڃي عادت نہ وڃي.
6. عيسيٰ نہ موسيٰ ٻڙا پير پئسا.

## غ

Gul Hayat Institute



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944

25. ڪيچريءَ جو يار، بحريءَ جو شڪار، سدا خوار.
26. ڪچيءَ ڪنان نہ وريا تہ پڪيءَ چا ورندا.
27. ڪچي وزيران ٿئي نڙڪو نڪران.
28. ڪچان تہ مسان، نہ ڪچان تہ پيئي لچان.
29. ڪڏهين پريءَ ۾ تہ ڪڏهين پاڪر ۾.
30. ڪڏهين ماٽي مَٽَ تي، ڪڏهين ماٽيءَ مٿان مَٽُ.
31. ڪڏهين ڳاڙهو گهوٽ، ڪڏهين مڙهہ مقام ۾، واريءَ سندو ڪوٽ، اڏي اڏبو ڪيترو.
32. ڪڍي ڪاڍارا ڏئي اڏارا.
33. ڪرند پسند، ڏيند لهند.
34. ڪڏهن درياہ ٽپيو وڃي، ڪڏهن پاٽيءَ پاٽ ۾ ٻڏيو پوي. ورجيس452
35. ڪرم-هيڻ ڪيتي ڪري، ٻلد مري يا ٽوٽا پڙي.
36. ڪري سو پائي، فقير ڪير ڪنڍ ڪائي.
37. ڪسيري جي ڪتي، ٽڪي جا ٽڪر ڪائي.
38. ڪشيئي نہ ڪمان، پڙيئي نہ ضمان، ٽپيئي نہ ڪوها، رهيئي نہ جوئا.
39. ڪک جو چور، سو لک جو چور.
40. ڪک هيٺ لک پيو آهي.
41. ڪڪان ڪوڙي باهہ، غلامان دوستي، يار نہ ڪجي ڏوم پيادا پوستي.
42. ڪم لٿو، ڊڪڻ وسريو.
43. ڪم نہ هئي تہ رائيسا گهر گهمجن.
44. ڪم پئي، ڪل پوي.
45. ڪم پرين سيڪو آهہ، چم پرين ڪو نہ آهي.
46. ڪميٽو ڪپڙا ڪري ڏسي پنهنجو ڏيل، ڏسي پنهنجي ڏيل ڪي ٻوڙائي دليل.
47. ڪماليت سان زواليت شامل آهي.
48. ڪنير جي گهر ۾ سڄي ڊڪٽي نہ ليي.
49. ڪنٻو لڳو گوڏي ۾ نڙگهٽ ڪيو نڪاءُ.
50. ڪنڌيون ڏور قنڌارئون ڏور.
51. ڪنگ ڪي لڙ ۾ مزو.
52. ڪانگ ڪي لڙ ۾ ڳڙ.
53. ڪنگر ۾ ڪپڙا پڙي مبارڪ.
54. ڪني ماضي من ۾، ڪني استقبال، حيف تن جي حال، جن وساريو حال ڪي.
55. ڪنيءَ رن جا، ٻار جڻن ٿورا تئن چڱا.
56. ڪني آڱر وڍي چڱي.
57. ڪنهن جي ماني ڪري نہ مور، ڪنهنجو ٽڪر ٿو ٽيٽا ڪري.
58. ڪنهن ڦٽ سان ملڪ ڇڏيو ڪنهن نڪ وڍئي ہ نہ ڇڏيو.
59. ڪٽڪ ڪڍي ٻهہ ڪي ڏجي باهہ.
60. ڪوڏي حرام، ٻجڪو حلال.
61. ڪوري ڪڏ ڪٽي اُن ۾ پاڻ پوي.



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944

20. ڪير جو ڪاٺل، جهڻ ڦوڪي پئي.
21. ڪير ۾ ڪنڌ نور ۾ نور، جواني ۾ مايا پور ۾ پور، پنڌ ۾ بار سور ۾ سور.

## گ

1. گابي وانگي چٽ ته چٽيانءِ.
2. گدرو ڪري ڪاتيءَ تي ته به گدري جوڪو، جي ڪاتي ڪري گدري تي ته به گدري جوڪو.
3. گدري جي چور ڪي ٻه لپاٽون.
4. گدڙ جي گونهه ۾ ڪم پئي ته وڃي ڏُر ۾ لڪي.
5. گدڙ ڏاک نه پڄي آکي ٿُو ڪٽا.
6. گدڙ ڏاک نه پڄي آکي ٿُو ڪؤڙي، ناچو نچ نه ڄاڻي آکي پون سوڙهي.
7. گدڙ گدڙ جي ڪوڪ تي نه اونائي ته ڪوڙهيو ٿئي.
8. گڏهه پنهنجي سانوٽي هينگن ۾ وڃائي.
9. گڏهه کي ڪڏهين گابو ڄائو آهي.
10. گڏهه کي ٿو گج پارائي.
11. گڏهه ڇا ڄاڻي، گيهرن مان.
12. گڏهه ٻه ڪڏهن گج پاتو؟
13. گڏهه جو ڇا وس، جو ٻيڙي ۾ نه چڙهي.
14. گڏهه مان لت يا ٽوٽي (اِٿ).
15. گڏي اڏجي، يا لڏي ڇڏجي.
16. گذري ڪون ياد نه ڪرنا، جا گذري سا چؤڪي.
17. گذر گئي گذران، ڪيا جهوپڙي ڪيا مڪان.
18. گرمي ڇڏي جهڻ ڪنگر سان، سردي ڇڏي زر ڪنگر سان.
19. گگر گگر پنڊا اڙيا.
20. گنجو ڪنهڻ ڪان نه رهي.
21. گنجي جي مٿي ۾، جونءَ نه ليک.
22. گولاڙو ڳيان پچي.
23. گونهه گونهه سان نه ڏوپي نيٺ پاڻيءَ سان ڏوپي.
24. گِهه پوندي ٻه ڪو مٿو سڙي.
25. گهپي نڪرن مان پاڻي سڪائي.
26. گهَگير گهوڙو پيٽر ماڻهو، مهل ۾ ڪم نه اچن.

## ڳ



Gul Hayat Institute

Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944

22. مرض اچي گهوڙي وانگيان، وڃي جونءِ وانگيان.
23. مروان موت، ملوڪان شڪار.
24. مري نہ ميهار تہ وڳ ولهو ئي نہ ٿئي.
25. مڙس جو پاهوڙين سان ميڙي آڻڻ، زال جو سئي سان کوٽي کڻڻ.
26. مر سين سڄاڻا ٻئي ٽنگون ڪاٺ ۾ کهہ سين اڄاڻا هنيون هندوري لوڏيو.
27. مُڙيا سي جُڙيا.
28. مغلن آئي فارسي وسري ويندي آهي.
29. مگن ڏاندي ڪارڙي ٽانبي، مگ پڇي ڪارڙو نچي، مگ لئو ڪارڙو مئو.
30. مِلڪ ۾ ڏيڍ ڪجور، ميان ليٽي باغ ۾.
31. ملڪ صاحب دا وسي، ڪوئي رووي ڪوئي هسي.
32. مُلو مئو، مهابو لٽو.
33. ملو چور، ٻانگو گواهہ.
34. منهن ڏسي، تِلڪ ڏجي.
35. منهن ڪنئرائي، ڳنا پٽائي.
36. موئا پر، پٽجن هيلهہ.
37. موئا آهن، جِئرن جي وس.
38. موئا بہ ڪڏهين مسڻ مان موٽيا آهن.
39. موتيو اُتي مار، جا تي پاٽي هئي تار.
40. مور چڱو پر سندس پير ونگا.
41. موچِو پنهنجي مانيءَ مان پيٽ پري ڪائي، وڃي وهِي مجلس ۾ تہ سيني سهائي، چريو ڳالهائي تہ بہ بختاور بودلو.
42. مئي ڪي مارڻ، سورهَہ جي گلا.
43. ميان مري تہ بہ حلوو ڪاٽو، بي بي مري تہ بہ حلوو ڪاٽو.
44. ميان جي مڏي، بہ ڏندڻ ٿين تڏي.
45. مينهن مڇي تہ هوريان هلي، رڍ مڇي تہ دڙيون ٽپي.
46. ميون ڳور (قبر) لائق بي بي سيج لائق.
47. مينهن ڏارڻ سولي آهہ پر کرو ڪو نينهن (سنپال/ آڳو پيچو) ڏاري.
48. ميوو، سيڪو منڌائتو منو.
49. ميهر مينهن مان نڪتو، وڃن ڪهڙي پارت.

## ن

1. نہ اوڌو ڪا لينا، نہ ماڌو ڪا دينا.
2. نہ ڏجي تہ ڏکوئجي بہ نہ.
3. نہ ڪنهن کي عقل منجهايو آهي، نہ ڪنهن کي سونهن سڪايو آهي.
4. نہ سٽ نہ ڪپاهہ، ڪورين ۾ لٺيون ڏڪا.
5. نہ ڪَتي، نہ ڪوريءَ جي ڪاڻ ڪڍي.
6. نہ ڪنهن جي ڪٽي کي هٿ لائجي، نہ پنهنجو پَٽُ پرائجي (ڦاڙائجي).



Gul Hayat Institute
Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944

7. نانگ کي کير پيياربو تہ بہ هن جو وهُ ڪين گهٽندو.
8. نانگ ريجهائڻ سولو پر ڪرو ڪو ڳوهہ ريجهائي.
9. نانگلي (قسم ان جو) نہ پرٽي ڪم اچي نہ مرٽي ڪم اچي.
10. ناني رڌڻ واري، ڏوهٽا ڪائڻ وارا.
11. ناٽان گهوريا سرن تان، سر گهوريا شرمن تان.
12. ناٽو ڏجي آڪرو تہ ڳِهہ چو ونجي ٻاڪرو.
13. ناٽو سو جو ڳنڍي، ٻاٽي سا جا ڪنٺ.
14. ناٽو جهڙي تاو سان گهڙجي تهڙي تاو سان نڪري.
15. ناٽو، نَرَ چُتو ڪري.
16. نانءِ چڙهيو واپاري ڪٽي ڪائي، نانءِ چڙهيو چور ڦاهي چڙهي.
17. نانءُ ٻڙا ديهہ بيران/ ويران.
18. نچڻ پيني تہ گهونگهٽ ڪيها.
19. نڏٽڪا گهوڙا، گئباٽا هسوار.
20. نڪي پاراتن ۾، نڪي منجهہ دعا، انگ اڳيئي لکيا پارڻ پوءِ پيا.
21. نڪي دٻگرن مال ميڙيو، نڪي سرهيا ٻک موئا.
22. نديڙو ٻار مڇ جو وار، جيئن ورائجي تيئن وري.
23. نديڙي نہ ڏيک، وڏي ڊڦل اتي.
24. نندي مري نہ مايڙي ٻڍي مري نہ جوءِ، ڪنت چوڙيليءُ نا مري مت جهٽڪ وهيٽي هوءِ.
25. نندي وات مان، وڏو ويڻ نہ ڪڍجي.
26. نون ميهارن مينهون ڏاريون، ڪٽا لاهي دونهيون ٻاريون.
27. نُهن سان ڇڄي تہ ڪاتي چو وجهجي.
28. نئن بہ تکي ڳڙ بہ منو.
29. نئين سنياسڻ، چيلهہ ۾ جٽائون.
30. نئين ڪنوار، نو ڏينهن.
31. نيچ نوڪري، اُتم کيتي، وڏندو واپار.
32. نيڪي برباد، گناهہ لازم.
33. نيم طبيب خطره جان، نيم ملا خطره ايمان.

## و

Gul Hayat Institute

1. وات جي پلاوَ ڪي، ڳِهہ جو کهڙو صرفو.
2. واتئون خرار ڪاڇن، نڪئون ڪٽون بہ نہ ڪاڇي.
3. وارا، ڇمارا آهن.
4. واڱڻ ڪِن کي وائي، ڪن کي پيٽي.
5. واٽيون پنج نہ سهي پنجاهہ سهي.
6. واهڻ جو واٽيون تهڙو ڍوري جو پاٽٽي.
7. واءَ جبل اُڏائين تنهن جي اڳيان ڪپاهہ ڇا آهي.



Kutab Khano Whatsapp Library Admin: Ameer Adnan 00923337516944

18. هڙ ۾ تماڪ تہ جهنگ مڙيوئي دائرو.
19. هڙ ۾ هريڙون، گوڏ ۾ پتاشا.
20. هسٽو جوڳي پڏٽي نار گد کهي اهي ٻئي مار.
21. هڪ سچ ٻہ پاچا.
22. هڪ ٽنگي جي ملڪ ۾ وڃجي تہ ٻي ٽنگ ڪري لڪائجي.
23. هڪڙو هٿ ڪير ۾، ٻيو هٿ نير ۾.
24. هڪڙو چوي ٻيو مڃي، تنهنجو پورهيو ڏٽي نہ پڃي.
25. هڪڙي مار، ٻي جهينگار.
26. هڳ سهانگي تہ ٻہ ڪا ٻاٽ ۾ گهوربي.
27. همتِ مردان، مدد خدا.
28. هنجهہ نہ ميرو وت جاسين جيئين ڏينهڙا، جيءُ نہ جنجل گهت سرُ تان سَرَ (تلاوَ) ڪيترا.
29. هنجهن سان حرص ڪري اڏاٽي چڙي، چٽو هوس چهنب ۾، سو بہ پيس ڪري.
30. هنڌ ڏسي، هاسي ڪجي.
31. هندي اُپامندي تہ پنهنجا ڳنان ڪائيندي.
32. هنر واري جو هنر، بي هنر جي جِند.
33. هڻ ڏيءُ ڪي، سکي ننهن.
34. هٽن ڪين حمير ڪائن پاٽ پلاءَ جي.
35. هو ساڻ ئي نہ نين، هيءَ ڏاند چڙهندي.
36. هو سوڙ پاند ٻہ نہ ڏين، هيءَ وچ سمهندي.
37. هيانو تتي ڪان ڪڙي تتي چڳي.
38. هيري جي پرک مان چا ڄاڻي شيشگر.
39. هيٺي ڪي نہ هٽي سو هٽن ۾ لهي.

## ي

1. يا تہ دريا تري وڃي يا تہ اڏ تي ٻيهي رهي.
2. يار اهو جو اوکيءَ ۾ ڪم اچي.
3. يار ٻي تيلي (تيل وڪڻندڙ يا چاڪي)، سينڌ ٻي ميلي.
4. يار جن کي ياد سي ياد هميشه يار ڪي.

Gul Hayat Institute

**پورو ٿيو**



Kutab Khano Whatsapp Library Admin:Ameer Adnan 00923337516944